جمادی الاخریٰ/رجب المرجب 1445ھ/جنوری 2024ء

# ماہوار فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی

ویب ایڈیشن



تفسير قرآن ڪريم

# راهِ خُدا ۾ خرچ جي ترغيب جا قرآني اسلوب

مُفتي محمد قاسم عطاري

اللہ تعالي ارشاد فرمايو: مَنْ ذَا الَّذِیْ یُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَیُضٰعِفَهٗ لَهٗۤ اَضْعَافًا كَثِیْرَةًؕ-وَ اللّٰهُ یَقْبِضُ وَ یَبْصُۜطُ۪-وَ اِلَیْهِ تُرْجَعُوْنَ(۲۴۵)

ترجمو ڪنزالعرفان: آهي ڪو جيڪو اللہ کي چڱو قرض ڏي ته اللہ ان جي لاءِ ان قرض کي تمام گهڻو وڌائي ۽ اللہ تنگي ڏيندو آهي ۽ وسعت ڏيندو آهي ۽ توهان انهيءَ جي طرف موٽايا ويندؤ.

(پ 02، البقرة:245)

تفسير: راهِ خُدا ۾ اخلاص سان خرچ ڪرڻ نهايت محبوب عمل آهي. اللہ پاڪ ان عمل کي خدا کي قرض ڏيڻ سان تعبير فرمايو، هي اللہ پاڪ جو ڪمال درجي جو لطف ۽ ڪرم آهي، ڇوته مخلوق جي جان ۽ مال سيني جو خالق ۽ مالڪ خُدا آهي ۽ انسان اُن جي عطا سان صرف مجازي مالڪ آهي، پر ان جي باوجود فرمايو ته صدقو ڏيڻ وارو، ڄڻ خدا کي قرض ڏيڻ وارو آهي. يعني جيئن قرض ڏيڻ واري کي اطمينان هوندو آهي ته اُن کي سندس مال واپس ملي ويندو ايئن ئي راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ وارو مطمئن رهي ته ان کي خرچ ڪرڻ جو بدلو يقيناً ملندو ۽ اهو به معمولي نه، بلڪ ڪيئي ڀيرا وڌائي ڪري، جيڪو ست ڀيرا وڌيڪ به ٿي سگهي ٿو ۽ اُن کان لکين ڀيرا وڌيڪ به، جيئن سورت بقره جي آيت نمبر 261 ۾ آهي. صدقي سان مال ۾ برڪت ۽ آخرت ۾ اَجُر ۽



ثواب ملندو آهي.

حضرت عبداللہ بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: جڏهن هي آيت مَنۡ ذَا الَّذِیۡ يُقۡرِضُ اللّٰهَ قَرۡضًا حَسَنًا نازل ٿي تہ حضرت ابودَحداح انصاري رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ عرض ڪيو: يارسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا اللہ تعالي چاهي ٿو تہ اسان قرض ڏيون؟ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: هائو اي ابودحداح! انهن عرض ڪيو: يارسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو هٿ مبارڪ ڏيکاريو، حضرت ابودحداح رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ هٿ مبارڪ کي پڪڙي ڪري عرض ڪيو: مون پنهنجو باغ پنهنجي ربّ جي بارگاهہ ۾ قرض طور پيش ڪيو. حضرت عبداللہ بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: ”ان جي باغ ۾ 600 کجين جا وڻ هئا ۽ سندن زال، ٻار بہ انهي ۾ رهندا هئا. حضرت ابودحداح رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ پنهنجي گهر جي ويجهو آيا ۽ گهر وارن کي آواز ڏنو تہ اي اُمّ دحداح. گهر واريءَ آواز ٻڌي چيو: جي، مان حاضر آهيان. حضرت ابودحداح رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ فرمايو: هلو، هن باغ مان نڪري هلون، ڇوتہ مون هي باغ پنهنجي رب پاڪ جي بارگاهہ ۾ بطور قرض پيش ڪيو آهي.

(شعب الايمان،3/249،حديث:3452)

## راه خدا ۾ خرچ جي ترغيب جا منفرد انداز

قرآن مجيد ۾ هن موضوع تي ايتريون آيتون آهن جو عالمن ان تي وڏا وڏا ڪتاب لکيا آهن، ڪجهہ صفحن جي مضمون ۾ ان جو احاطو نٿو ڪري سگهجي. ڪجهہ هتي ذڪر ڪيو وڃي ٿو.

**ترغيب جو پهريون انداز:** ”مثال“ انساني سمجهہ جي ويجهو ۽ گهڻو دلنشين هوندو آهي. اللہ پاڪ متعدد آيتن ۾ مثالن جي ذريعي راهِ خُدا ۾ خرچ جي ترغيب ڏياري آهي، جيئن تہ پاڻ مٿي عنوان ۾ بيان ڪيل آيت بہ مثال ئي جي صورت آهي ۽ ان کان علاوه فرمايو: مَثَلُ الَّذِيۡنَ يُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمۡ فِیۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنۡۢبَتَتۡ سَبۡعَ سَنَابِلَ فِیۡ كُلِّ سُنۡۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَ اللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۲۶۱﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: انهن ماڻهن جو مثال جيڪي پنهنجو مال اللہ جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن ان داڻي وانگر آهي جنهن ست سنگ ڄمايا، هر سنگ ۾ سؤ داڻا آهن ۽ اللہ ان کان بہ وڌيڪ وڌائي جنهن جي لاءِ چاهي ۽ اللہ وسعت وارو، علم وارو آهي.(پ03، البقرة:261)

مثال جي وضاحت اها آهي تہ جيئن ڪو انسان زمين ۾ هڪ داڻو ٻج جو وجهندو آهي، جنهن مان ست سنگ ڄمندا ۽ هر سنگ ۾ سؤ داڻا پيدا ٿيندا آهن. ڇڻ هڪ داڻو ٻج جي طور تي وجهڻ وارو ست سؤ پيرا وڌيڪ حاصل ڪندو آهي، اهڙي طرح جيڪو راهہ خدا ۾ خرچ ڪندو آهي، الله پاڪ ان جي اخلاص جي اعتبار سان سؤ پيرا وڌيڪ ثواب عطا فرمائيندو آهي ۽ اها بہ ڪا حد ناهي، بلڪ الله پاڪ جا خزانا ڀريل آهن اهو ڪريم ۽ جوّاد آهي، جنهن جي لاءِ چاهي، ان کي هن ڪان بہ وڌيڪ ثواب عطا فرمائي.

**ترغيب جو ٻيون انداز:** ڪيترن ئي هنڌن تي الله پاڪ راهہ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ واري جي جذبي، انداز ۽ صِلي ۽ انعام کي بيان ڪري ترغيب ڏني آهي، جيئن تہ فرمايو: اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّيْلِ وَ النَّهَارِ سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْۚ-وَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ(۲۷۴)

ترجمو ڪنزالعرفان: اهي ماڻهو جيڪي رات ۽ ڏينهن ۾، لڪائي ۽ ظاهر پنهنجا مال خيرات ڪن ٿا انهن جي لاءِ انهن جو اجر انهن جي ربّ وٽ آهي. انهن تي نہ ڪو خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا.

(پ 03، البقرة:274) يعني ڪيترائي ماڻهو الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جو تمام گهڻو شوق رکن ٿا ۽ ڏينهن رات خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪن ٿا، ايئن ئي موقعي جي مناسبت سان ڪٿي سرعام ڏيندا آهن تہ ڪٿي لڪائي.

**ترغيب جو ٽيون انداز:** انسان ۾ين جي عمل سان جذبو حاصل ڪندو آهي. الله پاڪ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ وارن جا ايمان اَفروز واقعا بيان ڪري ترغيب ڏني. جيئن تہ فرمايو: وَ يُؤْثِرُوْنَ عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ وَ لَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ترجمو: ۽ اهي پنهنجي جانين تي ترجيح ڏيندا آهن، جيتوڻيڪ انهن کي پاڻ حاجت هجي.

(پ 28، الحشر:09)

هي انصاري صحابہ جي واقعن جي طرف اشارو آهي، جن مهاجرن کي پنهنجي گهرن ۾ جاءِ ڏني، پنهنجو اَڌ مال مهاجرن کي ڏئي ڇڏيو ۽ ايئن ايثار ڪري مهاجرن کي پنهنجي جانين تي ترجيح ڏني، جيتوڻيڪ انهن کي پاڻ بہ مال جي حاجت هئي. ان ايثار جي جذبي جو ڪمال مرتبو ملاحظ ڪيو تہ حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بيان فرمائن ٿا تہ رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بحرين(علائقي) ۾ جايون ڏيڻ جي لاءِ انصار کي گهرايو، تہ

انهن عرض ڪيو: جيڪڏهن اوهان ڪي ايئن ئي ڪرڻو آهي، ته اسان جي قريشي ڀائرن جي لاءِ لکي ڇڏيو، حالانڪ قريش ان وقت نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ نه هئا. (بخاری،2 / 102، حديث: 2377)

انهيءَ ايثار جي جذبي جو واقعو ٻي جڳهه هيئن بيان فرمايو: وَ يُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِیْنًا وَّ یَتِیْمًا وَّ اَسِیْرًا(۸) ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اُهي الله جي محبت ۾ مسڪين ۽ يتيم ۽ قيدي کي کاڌو کارائيندا آهن. (پ 29، الدهر:08)

**ترغيب جو چوٿون انداز:** همت واري انسان جي مزاج ۾ چيلنج جو مقابلو ڪرڻ، مشڪل معاملن کي سرانجام ڏيڻ ۽ ڏکين ڪمن ۾ هٿ وجهي بهادري ڏيکارڻ آهي. الله پاڪ انهي انساني نفسيات جي اعتبار سان ترغيب ڏيندي فرمايو: فَلَا اقْتَحَمَ الْعَقَبَةَ(۱۱) وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا الْعَقَبَةُ(۱۲) فَكُّ رَقَبَةٍ(۱۳) اَوْ اِطْعٰمٌ فِیْ یَوْمٍ ذِیْ مَسْغَبَةٍ(۱۴) یَّتِیْمًا ذَا مَقْرَبَةٍ(۱۵) اَوْ مِسْكِیْنًا ذَا مَتْرَبَةٍ(۱۶)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ بنا سوچي سمجهي ڇونه ڪڏ ۾ ٽپو ڏنائين. ۽ توکي ڪهڙي خبر جو اها ڪاهي ڇا آهي؟ ڪنهن ٻانهي کي آزاد ڪرائڻ يا بک جي ڏينهن ۾ کاڌو ڏيڻ. رشتيدار يتيم کي يا مٽيءَ تي رهندڙ مسڪين کي.(پ 30، البلد:11...16)

**ترغيب جو پنجون انداز:** انسان پنهنجي هم جنس يعني انسان جي پريشانين تي ڏُک محسوس ڪندو آهي ۽ اهڙي موقعن تي مدد نه ڪرڻ کي نهايت مذمت جوڳو شمار ڪندو آهي. الله پاڪ محروم طبقي جي ذڪر ۽ انهن جي مدد نه ڪرڻ تي مُذمت ڪري خرچ ڪرڻ جي ترغيب ڏني. جيئن ته فرمايو: اَرَءَیْتَ الَّذِیْ یُكَذِّبُ بِالدِّیْنِ(۱) فَذٰلِكَ الَّذِیْ یَدُعُّ الْیَتِیْمَ(۲) وَ لَا یَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِیْنِ(۳) ترجموڪنزالعرفان: ڇا تو ان شخص کي ڏٺو جيڪو دين کي ڪوڙو چوي ٿو. پوءِ اهو اهڙو آهي جيڪو يتيم کي ڌِڪا ڏئي ٿو. ۽ مسڪين کي کاڌو ڏيڻ جي ترغيب نٿو ڏئي. (پ 30، الماعون:1...3) ۽ فرمايو: كَلَّا بَلْ لَّا تُكْرِمُوْنَ الْیَتِیْمَ(۱۷) وَ لَا تَحٰٓضُّوْنَ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِیْنِ(۱۸) ترجمو ڪنزالعرفان: هرگز نه بلڪ توهان يتيم جي عزت نٿا ڪيو. ۽ توهان هڪٻئي کي مسڪين جي کارائڻ جي ترغيب نه ٿا ڏيو. (پ 30، الفجر:17،18)






# دارُالافتاء اَہلِسنّت

مُفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

## (1) صاحب ترتيب جو جمعي جو وقت نڪري رهيو هجي ته اهو ڇا ڪري؟

سوال: علماءِ ڪرام ڇا ٿا فرمائن هن مسئلي جي باري ۾ ته صاحبِ ترتيب جو جمعي جو وقت نڪري رهيو هجي ۽ ڪٿي نه ملي، يعني جمعي جي جماعت جاري هجي پر ظهر جو وقت اڃا باقي هجي، ته ڇا پهريان جمعو پڙهي يا قضا؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ اهڙو ماڻهو پهريان قضا نماز پڙهندو، پوءِ جمعي جي بدلي ظهر جي نماز پڙهندو.

هن مسئلي جي تفصيل اها آهي ته جڏهن ڪو شخص صاحبِ ترتيب هجي ۽ جمعي جي وقت ان کي ياد اچي ويو ته منهنجي هڪ نماز رهي ٿي، پر صورتحال اها هجي ته جيڪڏهن قضا نماز پڙهندو ته جمعي جي جماعت هلي ويندي پر ظهر جي نماز جو وقت باقي هوندو، ته اهڙي شخص تي لازم آهي ته پهريان قضا نماز پڙهي پوءِ جمعي جي بدلي ظهر جي نماز پڙهي. ۽ جيڪڏهن صورتحال اها هجي ته جمعي جي جماعت قضا ٿيڻ سان ظهر جو وقت به ختم ٿي ويندو، ته اهڙي صورت ۾ بالاتفاق اهو شخص پهريان جمعي جي نماز ادا ڪري پوءِ قضا نماز پڙهي. ۽ جيڪڏهن صورتحال اها هجي ته قضا نماز پڙهي ڪري امام سان جمعي ۾ شريڪ ٿي سگهي ٿو، ته بالاتفاق پهريان قضا نماز پڙهندو، پوءِ جمعي جي نماز ادا ڪندو.

بهارِ شريعت ۾ آهي: ”جمعي جي ڏينهن فجر جي نماز قضا ٿي وئي جيڪڏهن فجر پڙهي ڪري جمعي ۾ شريڪ ٿي سگهي ٿو ته فرض آهي ته پهريان فجر پڙهي جيتوڻيڪ خطبو هلي رهيو هجي ۽ جيڪڏهن جمعو نه ملندو پر ظهر جو وقت باقي رهندو تڏهن به فجر پڙهي ڪري ظهر پڙهي ۽ جيڪڏهن ايئن آهي ته فجر پڙهڻ ۾ جمعو به ويندو رهندو ۽ جمعي سان گڏ وقت به ختم ٿي ويندو ته جمعو پڙهي وٺي پوءِ فجر پڙهي هن صورت ۾ ترتيب ساقط آهي.“ (بهار شريعت، 704/1)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (2) وضوءِ ۾ مٽي جو مسح ڪرڻ ڪان پھريان آڱوٺا چمڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام ھن مسئلي جي باري ۾ تہ ڪجھ ماڻھو مٽي جو مسح ڪرڻ ڪان پھريان ھٿن تي پاڻي وھائي ڪري آڱوٺا چمندا آھن ڪجھ تہ اکين سان بہ لڳائيندا آھن پوءِ انھي استعمال شده ھٿن جي ترين سان مسح ڪندا آھن. تہ ڇا اھڙي طرح ڪرڻ سان مٽي جو مسح صحيح ٿي ويندو؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

پڇيل مسئلي جون بہ صورتون آھن پھرين صورت اھا آھي تہ چوتہ مٽي جو مسح ڪرڻ جي لاءِ ھٿ جو آلو ھجڻ ضروري آھي ھاڻي چاھي اھا آلاڻ اعضاءِ وضو ڌوئڻ ڪان پوءِ ھٿ ۾ رھجي وئي ھجي يا وري نئين سري ڪان ھٿ کي آلو ڪيو ھجي، ھرصورت ۾ اھا تري مسح جي لاءِ ڪافي ٿيندي. ھاڻي جيڪڏھن ڪنھن شخص مسح ڪان پھريان اُن آلي ھٿ سان عمامي کي ڇُھي ورتو يا جسم جي ڪنھن اھڙي حصي تي ھٿ ڦيريو جنھن کي وضو ۾ ڌوتو ويندو آھي تہ ھاڻي جيڪڏھن ان جي ھٿ ۾ آلاڻ باقي آھي تہ مٽي جو مسح ٿي ويندو اھڙي طرح ڪرڻ سان ان جي مسح تي ڪو اثر نہ پوندو.

ھا! ٻي صورت اھا آھي تہ ان شخص ھٿ جي اُن آلاڻ سان موزن (چمڙي جي جورابن) تي مسح ڪري ورتو تہ چوتہ اھا آلاڻ ھڪ فرض جي ادائيگي جي ڪم اچي چڪي آھي، تنھنڪري ھاڻي اُن مستعمل آلاڻ سان مٽي جو مسح نہ ٿيندو.

ڪلام جو خلاصو اھو آھي تہ جيڪڏھن ڪو شخص ھٿ آلو ڪرڻ ڪان پوءِ آڱوٺن کي چمي ٿو ۽ اکين سان لڳائي ٿو تہ ھي پھرين صورت ۾ داخل آھي، پوءِ جيڪڏھن ان جي ھٿ ۾ آلاڻ باقي آھي تہ مٽي جو مسح ٿي ويندو اھڙي طرح ڪرڻ سان ان جي مسح تي ڪو اثر نہ ٿيندو. پر اھو ضرور ياد رھي تہ مسح ڪرڻ ڪان پھريان ايئن آڱوٺا چمڻ ۽ اکين تي لڳائڻ شرعي طور ثابت ناھي، نہ ئي ايئن ڪرڻ ۾ ڪو دنياوي فائدو آھي لھٰذا ھڪ فضول ۽ لغو فعل سان بچڻ ضروري آھي.

(فتاوٰی عالمگیری، 6/1- رد المحتار مع الدر المختار، 264/1-المحيط البرهانی، 38/1-بہارِ شریعت، 291/1)

وَاللّٰہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

## (3) وضو جي باري ۾ ھڪ حديث پاڪ ۽ ان جو جواب

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام ھن مسئلي جي باري ۾ تہ مون ھڪ پوسٽ پڙھي جنھن ۾ سُنن ابن ماجہ شريف جي حوالي سان ھيءَ حديث شريف لکيل ھئي: ”رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنھن جو وضو ناھي، ان جي نماز ناھي ۽ جنھن بسم اللہ نہ چئي ان جو وضو نہ ٿيو.“ اوھان ڪان پڇڻو اھو ھيو تہ واقعي اھڙي ڪا حديث

موجود آهي. ۽ ڇا واقعي اهڙي صورت ۾ وضو ناهي ٿيندو؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

**سوال** ۾ جنهن حديث شريف جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اها سُنن ابن ماجہ ۾ موجود آهي پر ان جي اها معنىٰ ناهي تہ جنهن وضو ڪندي وقت بِسم الله نہ پڙهي تہ ان جو وضو نہ ٿيندو بلڪ اُن حديث پاڪ جي معنىٰ اها آهي تہ جنهن الله پاڪ جو نالو ونڻ بغير وضو ڪيو تہ ان جو وضو ڪامل نہ ٿيو، ناقص ٿيو يعني ان کي وضو جون مڪمل برڪتون حاصل نہ ٿينديون. اها ئي وضاحت هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ موجود آهي.

ياد رهي: وضو ڪان پهريان بِسۡمِ الله شريف پڙهڻ افضل آهي جڏهن تہ مطلق الله پاڪ جو نالو ونڻ سُنت مؤڪده آهي، جيڪڏهن ڪنهن ڄاڻي واڻي وضو ڪان پهريان الله تعاليٰ جو نالو نہ ونڻ جي عادت بڻائي تہ اهو شخص گنهگار ٿيندو البتہ ان موقعي تي ڪو ٻيو ذڪر ڪري ورتو تہ سُنت ادا ٿي ويندي. (ردّ المحتار،241/1)

ابن ماجہ شريف جي حديث پاڪ هي آهي: ”لا صلاة لمن لا وضوٗ له ولا وضوٗ لمن لم يذكر اسم الله عليه “ ترجمو: جنهن جو وضو ناهي، ان جي نماز ناهي ۽ جنهن وضو ۾ الله پاڪ جو نالو نہ ورتو، ان جو وضو ناهي. (ابن ماجہ، 140/1)

الله پاڪ جو نالو ونڻ بغير وضو ڪرڻ سان برڪتون گهٽ ٿيڻ جي متعلق امام بيهقي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سُنن ڪبريٰ ۾ روايت ڪن ٿا تہ نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”من توضا وذكر اسم الله على وضوئه كان طهورا لجسده، ومن توضا ولم يذكر اسم الله على وضوئه كان طهورا لاعضائه“ ترجمو: جنهن الله پاڪ جو نالو وٺي وضو ڪيو تہ هي وضو ان جي سڄي جسم جي لاءِ پاڪائي جو سبب ٿيندو ۽ جنهن الله پاڪ جو نالو ونڻ بغير وضو ڪيو تہ صرف اعضاءِ وضو کي پاڪ ڪرڻ وارو ٿيندو. (سنن کبری للبیہقی، 73/1)

ابن ماجہ شريف جي حديث جي متعلق مراة المناجيح ۾ آهي: ”هتي ڪمال جي نفي آهي يعني جيڪو وضو ڪندي وقت بسم الله نہ پڙهي ان جو وضو ڪامل ناهي، جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ مسجد جي ويجهو رهڻ واري جي بغير مسجد نماز ناهي ٿيندي، يعني ڪامل ناهي ٿيندي ڇوتہ ربّ فرمايو جڏهن توهان نماز جي لاءِ اُٿو تہ هٿ منهن ڌوئو الخ، اُتي بسم الله جي قيد ناهي، پڻ ٽئين فصل ۾ حضرت ابوهُريره رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ ، ابن مسعود ۽ ابن عُمر جي حديث اچي رهي آهي تہ جيڪو وضو جي شروع ۾ بسم الله پڙهي ان جو سڄو جسم پاڪ ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو نہ پڙهي تہ ان جا صرف اعضاءِ وضو پاڪ ٿيندا آهن.“ (مراة المناجيح، 383/1)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم



# حضرت سيدنا شعيب عَلَيهِ السَّلام

مولانا ابوعبيد عطاري مدني

الله پاڪ پنھنجي نھايت ئي پياري نبي عَلَيهِ السَّلام جي طرف وحي موڪلي تہ: جڏھن صبح ٿي تہ سفر تي نڪري وڃجو، سيني کان پھريان جيڪا شيءِ ملي ان کي کائي ونجو، ٻي شيءِ کي دفن ڪري ڇڏجو، ٽئين شيءِ ملي تہ ان کي پاڻ وٽ رکي ڇڏجو، چوٿين شيءِ ملي تہ ان کي ڪا شيءِ ڪارائي ڇڏجو، اڳئين ڏينھن نبي عَلَيهِ السَّلام کي سيني کان پھريان جيڪا شيءِ ملي اھو ھوا ۾ ھڪ اوچو جبل ھو، پاڻ عَلَيهِ السَّلام دل ۾ چيائون: مان ھن جبل کي ڪيئن کائي سگھان ٿو؟ مان تہ ھن جي طاقت نٿو رکان اوچتو اھو جبل سُڪڻ شروع ٿيو تان جو اھو ھڪ مني ڪجور جيان ٿي ويو، پاڻ عَلَيهِ السَّلام ان کي کائي ورتو، اڳتي وڌيا تہ رستي جي وچ ۾ ڪنھن ھڪ ٿانءُ اڇليو ھو، پاڻ عَلَيهِ السَّلام ھڪ کڏو کوٽي ان کي دفن ڪري ڇڏيو پر اھو ٻاھر نڪري آيو پاڻ عَلَيهِ السَّلام جڏھن جڏھن ان کي دفنائڻ پيا تہ اھو پاڻھي ٻاھر نڪري اچي پيو آخرڪار پاڻ عَلَيهِ السَّلام ان کي ايئن ئي ڇڏي اڳتي وڌي ويا، ٿورو اڳتي وڌيا تہ ھڪ ڪبوتري نظر آئي پاڻ عَلَيهِ السَّلام ان کي پنھنجي ٻانھن تي ويھاري ڇڏيو، وڌيڪ اڳتي وڌيا تہ ھڪ باز نظر آيو جيڪو ڪنھن آني وغيره کي پيچي ڪري ان مان گوشت کائڻ پيو چاھي پاڻ عَلَيهِ السَّلام ھڪ ڇُري ڪڍي تہ جيئن ان ڪبوتري کي ذبح ڪري سندن گوشت ان باز کي ڪارائي ڇڏن، اوچتو ھڪ ملائڪ پنيان کان آواز ڏنو: مان ھڪ ملائڪ آھيان، الله پاڪ مون کي اوھان وٽ موڪليو آھي تہ جيئن اوھان کي ھنن ڳالھين جي باري ۾ خبر ڏيان، اھو جبل جنھن کي کائڻ جو حڪم مليو ھو، اھا ڪاوڙ آھي جڏھن اوھان ان کي پڙڪايو ٿا تہ اھا پڙڪي وڃي ٿي ۽ ھڪ وڏي جبل جيان ٿي ويندي آھي جو جنھن کي ڳيھڻ جي اوھان طاقت نٿا رکو ۽ نہ ئي ان کي ڪٽي رکڻ جي طاقت رکو ٿا ۽ جيڪڏھن اوھان ان کي پُرسڪون رکندا تہ اھو رکيل رھندو تان جو ھڪ ڪجور جي برابر ٿي ويندو اوھان ان جي کائڻ کي ڇگو سمجھندا ۽ ان جي ختم ٿي وڃڻ تي الله ڪريم جي حمد و ثناء ڪندا، رستي تي اڇلايل ٿانءِ ماڻھن جا عمل آھن جيڪو ڇگو عمل ڪندو الله پاڪ ان کي بہ ظاھر ڪري ڇڏيندو تان جو ماڻھن ۾

اهو مشهور ٿي ويندو، ۽ جيڪو برو عمل ڪندو الله پاڪ ان کي بہ ظاهر ڪري ڇڏيندو تان جو ماڻهن ۾ مشهور ٿي ويندو، ۽ اها ڪبوتري جنهن کي پناهہ ۾ ونڻ جو حڪم ڏنو هو اها صلہ رحمي آهي اوهان جا قريبي يا پري وارا مٽ مائٽ جيڪڏهن اوهان کان قطع تعلقي ڪن تہ اوهان انهن سان صلہ رحمي ڪيو، بهرحال اهو باز جنهن کي ڪارائڻ جو حڪم ڏنو ويو اها نيڪي ۽ ڀلائي آهي ان کي اهلِ خانہ ۽ ٻين حضرات تائين پڄايو ۽ حقدار ۽ غير حقدار سان خوب ڀلائي سان پيش اچو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جا اُهي پيارا نبي هڪ قول جي مطابق حضرت شعيب عَلَيهِ السَّلام هئا، اچو حضرت شعيب عَلَيهِ السَّلام جي سيرت مبارڪ جي ڪجھ نوراني ۽ بابرڪت پهلوئن جو مطالعو ڪيو ۽ پنهنجي لاءِ راهِ نجات جو سامان ڪيو.

**مختصر سيرت:** حضرت شعيب عَلَيهِ السَّلام

حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلام جي اولاد مان آهن، سندن ڏاڏي حضرت لوط عَلَيهِ السَّلام جي ڌيءَ هيون(2) سندن زمانو حضرت هود، حضرت صالح ۽ حضرت يوسف کان پوءِ جو آهي ۽ حضرت موسيٰ کان ڪجھ پهريان جو آهي عَلَيهِمُ السَّلام (3) سندن شهر ”مدين“ تبوڪ جي محاذ (يعني سامهون جي طرف) ۾ بحر احمر جي ساحل تي واقع آهي(4) ۽ مصر کان اَٺ منزل (تقريباً 144 ميل) جي فاصلي تي آهي.(5) پاڻ ڪافي مالدار هئا.(6) جانور پاليندا ۽ ان جي ڪير مان روزي حاصل ڪندا هئا. (7) بلڪ پنهنجون ٻڪريون پاڻ چاريندا هئا.(8) ڪتابن ۾ پاڻ عَلَيهِ السَّلام جي صرف ٻن ڌيئرن جو ذڪر ملي ٿو هڪ جو نالو صَفُوره جڏهن تہ ٻي ڌيءَ جو نالو شَرقاء هو.(9) جڏهن پاڻ ضعيف ٿي ويا ۽ ٻڪريون چارڻ جي لاءِ ڪو قابل اعتماد خادم نہ مليو تہ سندن ٻئي ڌيئرون ان ڪم کي سنڀاليندڙيون هيون لهٰذا ٻئي ڌيئرون ٻڪريون چارڻ ڪاهي وينديون هيون. (10) واپسي ۾ هڪ کوهہ جي ويجهو ٻڪريون ڪاهي اينديون هيون، اُتي مرد کوهہ مان پاڻي ڪڍي پنهنجي جانورن کي سيراب ڪندا هئا، پر نبي جون هي ٻئي پاڪيزه ۽ پاڪدامن نياڻيون مردن کان پري ٻيهي رهنديون هيون ۽ مَردن جي وڃڻ جو انتظار ڪنديون رهنديون هيون، جڏهن اهي ماڻهو هليا ويندا هئا تہ اڳتي وڌنديون ۽ بچيل پاڻي پنهنجي ٻڪرين کي پيارينديون هيون ۽ گهر واپس موٽي اينديون هيون، مصر کان حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلام تشريف کڻي آيا تہ ٻنهي کي مردن کان الڳ بيٺل ڏٺائون، سبب پڇڻ تي حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلام ويجهو ٻئي کوهہ تان ڳرو پٿر هٽايو ۽ ان مان پاڻي ڪڍي ٻڪرين کي سيراب ڪيو، ٻنهي ڌيئرن گهر وڃي حضرت شعيب سان ان واقعي جو ذڪر

كيو تہ حضرت شعيب حضرت موسيٰ کي گھر آڻڻ جو فرمايو والد صاحب جي حڪم تي هڪ صاحبزادي پنھنجو جسم لڪائي منهن تي رئو ڍڪي شرم ۽ حياء، پردي ۽ وقار جي تقاضن کي سامهون رکي ڪري حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلام وٽ پهتيون ۽ والد صاحب جو پيغام پهچايو حضرت موسيٰ حضرت شعيب عَلَيهِ السَّلام جي زيارت ۽ انهن سان مُلاقات ڪرڻ جي ارادي سان هليا آيا، پهريان پاڪدامن صاحبزادي اڳيان هلي رهي هئي ۽ حضرت موسيٰ پويان هلي رهيا هئا. پر حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلام وڌيڪ پردي جي اهتمام خاطر حضرت شعيب جي ڌيءَ کي فرمايو: اوهان منهنجي پويان هلي ڪري رستو ٻڌائينديون وڃو. اهڙي طرح حضرت موسٰي حضرت شعيب وٽ تشريف کڻي آيا (11).

حضرت شعيب حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلام کي پاڻ سان گڏ ڪاڌو ڪارايو ۽ ٻڪريون چارڻ جي ذميداري ڏني ۽ هڪ بابرڪت عصا ڪائنس سُپرد ڪئي، هي جنتي عصا(لٺ) هئي جنهن کي حضرت آدم عَلَيهِ السَّلام پاڻ سان گڏ جنت مان کڻي آيا هئا.(12) هي عصا مبارڪ ڳاڙهي رنگ جي هئي. (13)

حضرت موسيٰ ڪيئي سال تائين حضرت شعيب عَلَيهِ السَّلام وٽ رهيا ۽ سندن ٻڪرين جي سار سنڀال ڪندا هئا، انهن کي چاريندا هئا ۽ ٻين ڪمن ۾ حضرت شُعيب عَلَيهِ السَّلام جو هٿ ونڊائيندا رهيا، حضرت شعيب عَلَيهِ السَّلام پنهنجي هڪ صاحبزادي حضرت صفوره يا شرقاء سان حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلام جو نڪاح ڪري ڇڏيو.(14) حضرت شُعيب عَلَيهِ السَّلام جو هڪ معجزو اهو بہ آهي تہ پاڻ حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلام کي ڪجھ ٻڪريون تحفي ۾ ڏئي ڪري چيو: هي ٻڪريون اڇا ۽ ڪارا ڦر ڄڻينديون. سو جيئن پاڻ چيو هئائون ايئن ئي ٿيو.(15) پاڻ انهن صحيفن کي پڙهندا هئا جيڪي الله ڪريم حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلام تي نازل فرمايا هئا.(16) هڪ قول جي مطابق سندن کي بہ صحيفا عطا ٿيا هئا.(17)

### شعيب جي قوم: حضرت شعيب عَلَيهِ السَّلام

2 قومن جي طرف رسول بڻائي موڪليا ويا (1) اهلِ مدين ۽(2) اَصحابُ الْاَيْڪہ(18) پاڻ عَلَيهِ السَّلام پنهنجي قوم کي انتهائي بهترين طريقي سان دين جي دعوت ڏني ۽ دين جي دعوت ڏيڻ ۾ نرمي ۽ مهرباني کي سامهون رکيائون انهيءَ ڪري پياري آقا، محمد مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جڏهن بہ حضرت شعيب عَلَيهِ السَّلام جو ذڪر خير ڪندا هئا تہ فرمائيندا هئا: اهي خطيب الانبياء آهن. (19)

پاڻ عَلَيهِ السَّلام سڄو ڏينهن وعظ فرمائيندا هئا ۽ سڄي رات نماز ۾ گذاريندا هئا.(20) هڪ روايت ۾ آهي تہ پاڻ عَلَيهِ السَّلام تمام گهڻيون نمازون پڙهندا هئا، جڏهن سندن قوم پاڻ عَلَيهِ السَّلام کي نماز پڙهندي ڏسندي

هئي تہ مذاق اڏائيندي ۽ ڪلندي هئي. (21)
پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ماڻهن کي اللّٰهُ وَحده لاشريڪ جي عبادت جي طرف سڏيو ۽ ماپ تور ۾ گهٽتائي ۽ رستي ۾ مُسافرن کي ڍيچارڻ کان منع ڪيو، جنهن سبب ڪجھ خوش نصيب ماڻهن ايمان آندو پر گهڻو ڪري ماڻهن ڪفر ڪيو. (22) ۽ پنهنجي سرڪشي جو اظهار ڪندي حضرت شعيب عَلَيۡهِ السَّلَام جي بي ادبي ۽ بدزباني ڪئي آخرڪار ٻئي قومون عذاب الٰهي سبب هلاڪ ڪيون ويون. ”اصحابِ مدين“ تي تہ اِهو عذاب آيو تہ فَاَخَذَتۡهُمُ الصَّيۡحَةُ يعني حضرت جبرائيلعَلَيۡهِ السَّلَام جي رڙ جي هولناڪ آواز سان زمين ڪنبڻ(ڏڪڻ) لڳي ۽ ماڻهن جون دليون دهشت جي خوف سان ڦاٽي پيون ۽ سيئي تمام جلد موت جي منهن ۾ هليا ويا.(23) جڏهن تہ اَيڪ وارن تي ڪارن ڪڪرن سان باھ وَسائي وئي جنهن سان اهي سيئي سڙي خاڪ ٿي ويا. (24)

---

1 ...اسد الغابہ،5 /277- فنون العجائب للنقاش، ص53
2 ...خازن، الاعراف:85، 118/2
3 ...اعلام للزرکلی، 165/3- البداية والنهاية،274/1
4 ...سيرت مصطفیٰ، ص41
5 ...صراط الجنان، 198/6
6 ...تفسير کبير، هود، تحت الآية:88، 388/6
7 ...اسلامی زندگی،ص143
8...المنتظم فی تاريخ الملوک والامم، 326/1
9 ...مستدرک، 175/3، حديث:3583
10... لطائف الاشارات للقشيری، 433/2
11 ...بيضاوی،289/3-خازن،429/3-تفسير ثمر قندی،514/2، القصص، تحت الآية:23تا 25
12... تفسيرقرطبی،جز6،91/11
13... نهاية الارب، 160/13
14 ...مستدرک، 175/3، حديث:3583
15... صراط الجنان، 371/3
16... تاريخ ابن عساکر،78/23
17 ...سيرت حلبيہ،314/1
18... تفسير طبری، الشعراء:189، 473/9
19 ...نوادر الاصول، 60/4
20 ...صراط الجنان، 481/4
21 ...تفسير کبير، هود:87، 387/6
22...البداية والنهاية،267/1
23... عجائب القرآن،ص353
24... تفسيرطبری، الشعراء:189، 473/9۔



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

مُفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

## اکين ۾ ڪجل لڳل هجڻ جي صورت ۾ وضوءِ غسل جو حڪم

سوال: علماءِ ڪرام ڇا ٿا فرمائن هن مسئلي جي باري ۾ تہ اکين ۾ ڪجل لڳل هجڻ جي صورت ۾ ڇا وضو ۽ غسل ٿي ويندو؟ يا وري وضو ۽ غسل کان پهريان ڪجل صاف ڪرڻو پوندو؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

وضو ۽ غسل ۾ اکين جي اندروني حصي ۾ پاڻي پهچائڻ واجب يا سُنت ناهي، لهٰذا اکين ۾ ڪجل لڳل هجڻ جي صورت ۾ بہ وضو ۽ غسل ٿي ويندو. باقي ڪجل يا سُرمي جو تهہ جيڪڏهن اک جي ڪنڊ يا پنبڻن تي لڳل هجي تہ وضو ۽ غسل ۾ اُن کي ڇڏائڻ لازم ٿيندو، ڇوتہ وضو يا غسل ۾ چهرو ڌوئيندي اکين جي ڪنڊ ۽ پنبڻن کي ڌوئڻ فرض هوندو آهي.

(فتاوٰی عالمگیری،1/7، 13 ملتقطاً-بدائع الصنائع، 1/19-فتاوٰی رضویہ،1(الف)/444)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## مڙس جي وفات کان پوءِ ڏير کان شادي ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ هڪ عورت جا چار بار آهن، ان جي مڙس جو انتقال ٿي ويو آهي ۽ انتقال جي عدت بہ ختم ٿي چڪي آهي، تہ ڇا هن صورت ۾ ان عورت جو نڪاح مڙس جي ننڍي ڀاءُ يعني پنهنجي ڏير کان ٿي سگهي ٿو، جڏهن تہ ان عورت جي سيني کان وڏي ڌيءَ ۽ سندس ڏير جي عمر ۾ صرف ٽئن سالن جو ئي فرق آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

جي ها! پڇيل صورت ۾ اُن عورت جو پنهنجي ڏير سان نڪاح ڪرڻ جائز آهي جڏهن تہ ممانعت جي ڪا بہ صورت نظر نٿي اچي، ڇوتہ قرآنِ عظيم ۾ محرمات يعني جن عورتن سان نڪاح حرام قرار ڏنو ويو آهي ان کي واضح طور تي بيان ڪيو ويو آهي ۽ پاڃائي انهن محرمن مان ناهي.

پڻ ڏير جو پنهنجي ياجائي ڪان عُمر ۾ ڪافي ننڍو هجڻ بہ ڪنهن ممانعت جو سبب ناهي. (فتاوٰی رضویہ، 290/11 -فتاوٰی فیض الرسول، 578/1)

نفلي روزي ۾ حيض اچي ويو تہ ڇا نفلي روزي جي قضا لازم ٿيندي؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ جيڪڏهن ڪنهن عورت نفلي روزو رکيو ۽ ان ڪي روزي جي دوران حيض اچي ويو تہ ڇا نفلي روزي جي قضا لازم ٿيندي يا روزو معاف آهي؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَایَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ مذڪوره عورت تي ان نفلي روزي جي قضا لازم آهي.

درمختار ۾ آهي: ولو شرعت تطوّعاً فيهما فحاضت قضتهما

يعني جيڪڏهن عورت نفلي روزو رکيو يا نفلي نماز شروع ڪئي ۽ ان دوران حيض اچي ويو تہ نفلي نماز يا نفلي روزا ٻنهي صورتن ۾ قضا لازم آهي.

(الدرّ المختارمعہ ردّ المحتار، 533/1)

صدر الشريعہ مُفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”روزي جي حالت ۾ حيض يا نفاس شروع ٿي ويو تہ اهو روزو ويندو رهيو ۽ ان جي قضا ڪري، فرض هيو تہ قضا فرض آهي ۽ نفلي هيو تہ قضا واجب آهي. (بہار شریعت، 382/1)

وَاللّٰہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

# استغفار جا فضائل





بنت قاسم عطاريہ

(درجہ ثانيہ جامعة المدينہ، فيض مدينہ گرلز نارٿ ڪراچي)

استغفار جي تعريف: استغفار جي معنيٰ آهي تہ گذريل گناهن جي معافي گهرڻ ۽ توبہ جي حقيقت آهي آئنده گناه نہ ڪرڻ جو وچن ڪرڻ يا زبان سان گناه نہ ڪرڻ جو عهد استغفار آهي ۽ دل سان عهد توبہ آهي. استغفار غفر مان نهيو آهي بمعنيٰ لڪائڻ، چوتہ استغفار جي برڪت سان گناه ڍڪجي ويندا آهن انهي ڪري ان کي استغفار چوندا آهن. (مراٰۃ المناجيح، 352/3)

الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فَقُلۡتُ اسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّكُمۡ ؕ اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ۙ﴿۱۰﴾

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ مون چيو پنهنجي ربّ کان معافي گهرو بيشڪ اهو نهايت معاف فرمائڻ وارو آهي. (پ29، نوح: 10)

استغفار جا حديثن ۾ ڪوڙ فضائل آيا آهن جن مان 5 فرمانِ مصطفيٰ ملاحظ ڪيو:

(1) دلين جي ڪٽ جي صفائي: بيشڪ لوهہ جيان دلين تي بہ ڪٽ چڙهي ويندي آهي ۽ ان جي صفائي استغفار آهي. (مجمع الزوائد، 346/10، حديث:17575)

(2) خوشخبري: خوشخبري آهي ان جي لاءِ جيڪي پنهنجي اعمالنامي ۾ استغفار جي ڪثرت ڏسن. (ابن ماجہ4/ 257، حديث : 3818)

(3) خوش ڪرڻ وارو اعمالنامو: جيڪو هن ڳالھ کي پسند ڪري ٿو تہ سندس اعمالنامون کيس خوش ڪري تہ ان کي گهرجي تہ اُن ۾ استغفار جو اضافو ڪري. (مجمع الزوائد،347/10،حديث:17579)

(4) پريشانين ۽ تنگين کان نجات: جنهن

استغفار کي پاڻ تي لازم ڪيو الله پاڪ ان جي هر پريشاني پري ڪري ڇڏيندو ۽ هر تنگي کان ان کي راحت عطا فرمائيندو ان کي اهڙي جڳهه تان رزق عطا فرمائيندو جتان کان ان کي گمان به نه هوندو.

(ابن ماجہ ، 257/4، حديث: 3819)

(5) سيدالاستغفار پڙهڻ واري جي لاءِ جنت جي بشارت:

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ رَبِّي لَا اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ خَلَقْتَنِيْ وَاَنَا عَبْدُكَ وَاَنَا عَلٰى عَهْدِكَ وَوَعْدِكَ مَا اسْتَطَعْتُ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ وَأَبُوْٓءُ لَكَ بِنِعْمَتِكَ عَلَيَّ، وَأَبُوْٓءُ لَكَ بِذَنْبِيْ فَاغْفِرْ لِي فَاِنَّهٗ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اَنْتَ جنهن ان کي ڏينهن جي وقت ايمان ۽ يقين سان پڙهيو انهي ڏينهن شام ٿيڻ کان پهريان ان جو انتقال ٿي ويو ته اهو جنتي آهي ۽ جنهن رات جي وقت ان کي ايمان ۽ يقين سان پڙهيو پوءِ صبح ٿيڻ کان پهريان ان جو وصال ٿي ويو ته اهو جنتي آهي. (بخاری، 190/4، حديث:6306)

الله پاڪ اسان کي استغفار ۽ ٻيون عبادتون ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

رسول الله جون غذائون

# ماکي

احمد رضا عطاري مدني

نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي غذائن بلڪ محبوب غذائن مان هڪ ماکي بہ آهي، پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ماکي کي ڪاڌو آهي، ماکي غذائيت ۽ ڪيترن ئي فائدن سان مالا مال هڪ اهڙي قدرتي غذا آهي جنهن جو جواب ناهي. اُن ۾ آئرن، وٽامنز ۽ اينٽي آڪسيڊنٽ پايو ويندو آهي، ان جي مٺي ذائقي ۽ بهترين خوشبو جي ڪري تمام عمر جا ماڻهو ان کي پسند ڪندا آهن. انهي خصوصيات جي ڪري ماکيءَ کي سُپر فوڊ (Super Food) چيو ويندو آهي. عربي زبان ۾ ماکيءَ کي "عَسَلٌ" چوندا آهن. قرآن پاڪ ۾ هڪ مقام تي جنت جي ماکيءَ جو ذڪر آيو آهي، ايئن اُتي لفظ عَسَل استعمال ٿيو آهي. جيئن ارشاد ٿئي ٿو: ﴿وَ اَنْهٰرٌ مِّنْ عَسَلٍ مُّصَفًّى ؕ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ صاف شفاف ماکيءَ جون نهرون آهن (1)

جڏهن تہ ماکيءَ جي مک کي عربي زبان ۾ "نَحْلٌ" چيو ويندو آهي.

قرآنِ ڪريم ۾ ماکي جي مک جي نالي سان هڪ پوري سورت موجود آهي جنهن جو نالو "النَّحل" آهي. هن ۾ پاڻ الله پاڪ ماکي جا فائدا بيان فرمايا آهن، جيئن هڪ هنڌ بيان ٿئي ٿو:

﴿يَخْرُجُ مِنْۢ بُطُوْنِهَا شَرَابٌ مُّخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ فِيْهِ شِفَآءٌ



ترجموکنزالعرفان: ان جي پيٽ مان پيئڻ جي هڪ رنگ برنگي شيءِ نڪري ٿي جنهن ۾ ماڻهن لاءِ شفا آهي.(2)

## تفسير جا نُڪات

تفسيرِ حسنات ۾ هن آيت جي حوالي سان آهي ته ماکيءَ جا چار رنگ هوندا آهن: (1) اڇو (2) ڦڪو (3) ڳاڙهو ۽ (4) ڪارو. هي رنگ ماکيءَ جي مک جي عمر جي حساب سان هوندا آهن. اڇو رنگ جوان مک جو هوندو آهي، ڦڪو رنگ اڌڙوٽ عمر واري جو، ڳاڙهو رنگ پوڙهي مک جو ۽ ڪارو رنگ ان مک جو هوندو آهي جيڪا ان ڪان وڌيڪ عُمر ۾ پهچي ڪري محنت ڪري.(3)

## ماکيءَ جو مزاج

تازي ماکي ٻي درجي ۾ گرم ۽ ٻهرين درجي ۾ خشڪ هوندي آهي. (4)

## ماکيءَ جي متعلق حديثون

ڪيترين ئي حديثن ۾ ماکيءَ جو ذڪر آيو آهي، اچو! ڪجھ حديثون ملاحظ ڪيو.

(1) حضرت عائشہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا فرمائن ٿيون: حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اُمُّ المومنين حضرت زينب بنت جحش رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا وٽ ماکي استعمال فرمائيندا هئا ۽ انهن وٽ ڪجھ وڌيڪ تشريف فرما رهندا هئا. (5)

(2) حضرت عائشہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا فرمائن ٿيون: نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مٺي شيءِ ۽ ماکي استعمال فرمائيندا هئا. (6)

(3) حضرت جابر بن عبداللہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ بيان ڪن ٿا ته نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي بارگاھ ۾ بطورِ هديو ماکي پيش ڪئي وئي ته پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان ۾ هڪ هڪ گرھ جي برابر ماکي تقسيم فرمائي، ته مون پنهنجو حصو وٺي ڪري عرض ڪيو: يارسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان وڌيڪ کڻان؟ پاڻ سڳورن فرمايو: هائو کڻو. (7)

(4) نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ٻه شفائون لازم پڪڙيو، هڪ ماکي، ٻيو قرآن. (8)

(5) نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شفا ڏيڻ وارين شين ۾ ماکي کي شمار فرمايو. (9)

(6) حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ته جيڪو شخص هر مهيني ٽي ڏينهن صبح جي وقت ماکي چٽيندو ڪري ان کي ڪا وڏي مصيبت نه پهچندي. (10)

(7) حضرت ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان

روايت آهي تہ هڪ شخص نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: تہ منهنجي ڀاءُ ڪي پيٽ جي بيماري آهي، پاڻ فرمايائون: ان کي ماکي کارايو، وري ٻيو ڀيرو آيو تہ پاڻ فرمايائون: ان کي ماکي کارايو، وري (ٽيون ڀيرو) آيو ۽ عرض ڪيائين تہ مون ماکي کارائي(پر فائدو نہ ٿيو) پاڻ فرمايائون: الله سچو آهي ۽ تنهنجي ڀاءُ جو پيٽ ڪوڙو آهي، ان کي ماکي کارايو، جيئن تہ ان وري ماکي کارائي تہ اهو تندرست ٿي ويو. (11)

## حديث پاڪ جا نڪات

☆نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ماکي کائڻ ثابت آهي، ☆آقا ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ماکي تمام گهڻي پسند هئي، ☆ماکي مان شفا حاصل ٿيندي آهي، ☆ طبّي فائدن جي ڪري ماکيءَ کي بطور علاج استعمال ڪري سگهجي ٿو.

## ماکيءَ جا طبي فائدا

ماکيءَ جا ڪيترائي فائدا آهن، انهيءَ فائدن کي سامهون رکي سوين سالن کان دنيا جي مختلف حصن ۾ ان کي دواء طور استعمال ڪيو پيو وڃي. اچو! ان جا ڪجهه طبّي فائدا ملاحظ ڪيو: ☆ ماکي آواز کي صاف ڪندي، نظر کي تيز ڪندي ۽ بُک کي وڌائيندي آهي، ☆ زخم جو ڦٽ صاف ڪري تازو گوشت پيدا ڪندي آهي، ☆ جسم جو رنگ سنواريندي آهي، ☆ عقل ۾ اضافو ڪندي آهي، ☆ ڪنگھ ۽ جريان کي ختم ڪندي آهي، ☆ چربي کي گهٽ ڪندي آهي، (12) ☆چليل چلغوزن جو شيرو ٻٽائي ڪري ٿوري ماکي شامل ڪري چٽڻ بلغمي ڪنگھ جي لاءِ فائديمند آهي. (13)، ☆ ماکي جي استعمال سان ڪوليسٽرول ليوَل ۾ بهتري ايندي آهي، ☆ هائي بلڊ پريشر ۾ بهتري ايندي آهي. مٽي جي خُشڪي جو خاتمو ڪندي آهي، ☆ هر قسم جي ڪنگھ جو مؤثر علاج آهي، ☆وزن ۾ گهٽتائي آڻيندي آهي. (14)

**نوٽ:** هر غذا ۽ دوا پنهنجي ڈاڪٽر يا حڪيم جي مشوري سان ئي استعمال ڪيو.

---

1 پ26 ،سورۂ محمد، آيت 15
2 پ 14،النحل :69
3 تفسيرِ حسنات، پ14، النحل،تحت الآيۃ: 69، 637/3 ما خوذاً
4 خزائن الادويہ،56/3
5 بخاری، 359/3، حديث:4912
6 بخاری، 17/4، حديث: 5682
7 ابن ماجہ، 94/4، حديث: 3451
8 سنن ابن ماجہ،95/4،حديث: 3452
9 ديکھئے: بخاری، 17/4،حديث: 5681
10 ابن ماجہ، 94/4،حديث: 3450
11 بخاری، 17/4،حديث: 5684
12 خزائن الادويہ، 59/3
13 ڪتاب المفردات، ص211
14 هيلٿھ وائر ويب۔



مدني ڪلينڪ

# گردي جي پٿري جا سبب، علامتون ۽ علاج

حڪيم رضوان فردوس عطاري

غذا انساني زندگي جي بنيادي ضرورت آهي پر صحت مند ۽ بيمار هجڻ جي ڪافي حد تائين وجهه بہ اها ئي بڻبي آهي چوتہ عام طور هر قسم جي کاڌي جا بنيادي اجزا چڪنائي، وٽامنز، نمڪيات ۽ ڪار بوهائيڊريٽيس تي ٻڌل هوندا آهن، تنهنڪري جيڪڏهن انساني جسم کي ان جي ضرورت مطابق متوازن غذا ملندي رهي تہ انسان تندرست ۽ توانو رهندو آهي ۽ جيڪڏهن غذا غير متوازن هجي يا متوازن تہ هجي پر ضرورت کان وڌيڪ پيٽ ڀريو وڃي تہ جسم ۾ منفي تبديليون پيدا ٿيڻ شروع ٿي وينديون آهن جيڪي آخرڪار ڪنهن نہ ڪنهن بيماري جو سبب ٻڻجي ويندي آهن. انهن مان هڪ تڪليف ده معاملو گُردي ۽ مَثاني وغيره جسم جي ڪنهن حصي ۾ پيدا ٿيڻ واري پٿري جو بہ آهي.

## پٿري جون علامتون

چيلهہ ۾ گڙدي جي جڳهہ تي اڳتي پوئتي سُور محسوس ٿيندو آهي، متي جهڙو، خوني ۽ بدبودار پيشاب ايندو آهي، الٽي جو رجحان ۽ الٽي اچڻ، پيشاب اچڻ جو رجحان بار بار هئڻ، بخار ۽ ٿڌ لڳڻ، پيشاب ۾ لوٽيات جي گهٽائي. اڄڪلهہ الٽراسائونڊ جي ذريعي پٿري، پٿري جي ماپ ۽ مقام جو پتو لڳائي سگهجي ٿو، پٿري ايڪسري ۾ سفيد داغ وانگر ظاهر ٿيندي آهي،

## پٿري ٺهڻ جو سبب

پٿري جو هڪ سبب رت جو گهاٽو ٿيڻ ۽ ان جي رواني جو آهستہ ٿيڻ بہ آهي. درحقيقت جسماني صحت جي لاءِ ان ۾

رت جي بهترين رواني ضروري هوندي آهي ته جيئن رت ۾ حل ٿيندڙ ضروري جُزن جهڙوڪ آئرن، ڪيلشم، ميگنيشيم ۽ زنڪ وغيره رت جي بهترين رواني جي سبب حل ٿيندا رهن. پر پيشاب ايندڙ خصوصيتن جون حامل شيون(خاص طور تي چانهه، ڪافي، ڪولا مشروبات ۽ انهيءَ تاثير جي ٻين شين) جي استعمال سان چوته جسم مان پاڻي ضرورت کان وڌيڪ نڪري ويندو آهي جنهن سان رت گهاٽو ٿي ويندو آهي. انهيءَ ڪري رت ۾ حل ٿيندڙ خصوصيتون گهٽجي وينديون آهن ۽ رت ۾ حل ٿيندڙ اجزاء ناقابلِ حل جُزن ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. ۽ پوءِ جڏهن اهو رت فلٽر ٿيڻ جي لاءِ گردي ۾ ويندو آهي اهي غير حل ٿيل ذرات گردي ۾ رهجي ويندا آهن جيڪي بعد ۾ پٿري جي صورت اختيار ڪندا آهن.

## پٿري جي بناوت جو سبب بڻجڻ واريون شيون

گُردي جي پٿري، مثاني جي پٿري ۽ پوءِ پيشاب جي نالي (Urinary Track) جي پٿري تقريباً انهن سيني جا اجزا هڪجهڙا هوندا آهن. هي پٿري ڪيميائي لحاظ سان ڪيلشيم جا لوٽيات هوندا آهن جنهن ۾ ڪيلشيم فاسفيٽ، ڪيلشيم يوريٽ، ڪيلشيم اوگزاليٽ(Calcium Oxalate) شامل هوندا آهن. ان صورت ۾ جيڪڏهن ڪيلشيم استعمال ڪيو ويندو آهي ته پٿري جا امڪان وڌي ويندا آهن. غذا ۾ اهڙيون شيون جن ۾ اوگزاليٽ موجود هوندا آهن جيئن ٽماٽر، رِيوَند چيني، چاڪليٽ، چانهه، هَليون (Asparagus) ۽ پڪل پالڪ (خاص ڪري جيڪڏهن صحيح ڌوتل به نه هجي) وغيره گردي جي پٿري بڻجڻ جو سبب بڻجنديون آهن.

## پٿري جا رجحانات

پٿري ٿيڻ جو سبب بڻجڻ واريون ڪجهه شيون هي به آهن: 20 کان 40 سال جي عمر جي دوران پيشاب ايندڙ دوائن جو استعمال، اينٽي ايسڊ يعني تيزابيت دور ڪندڙ يا غدودِ دَرَقيّہ (Thyroid Gland)جي دوائن جو استعمال، جسماني حرڪت جي گهٽتائي، پراڻيون بيماريون، ڪاڌي ۾ ڪيلشيم جي کوٽ، لوڻ ۽ ڳاڙهي گوشت جي استعمال جي زيادتي.

## پٿري جي باري ۾ 2 تحقيقي تجربا

(1) اٽلي ۾ ڪيل تحقيق جي مطابق گردي جي پٿري بڻجڻ جا ٽي سبب آهن:
(1) ڪيلشيم جي گهٽتائي (2) سوڊيم جي زيادتي (3) گوشت تي ٻڌل پروٽين،

(2) جديد تحقيق ثابت ڪيو آهي ته جيڪڏهن ڪيلشيم سٽريٽ جي مرڪبات کي ڪيلشيم جي طور تي استعمال ڪيو وڃي ته انسان جي جسم ۾ پٿري جو رجحان ناهي بڻجندو، اوگزالڪ ايسڊ، يورڪ ايسڊ ۽ فاسفورڪ ايسڊ پٿري ٺهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ميگنيشيم جي گهٽتائي به پٿري پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪندي

آهي. پر جيڪڏهن جسم ۾ ڪيلشيم جي گهٽتائي نہ هجي تہ ميگنيشيم جي بہ گهٽتائي ناهي ٿيندي. ڪيلشيم اوڪزاليٽ تي ٻڌل پٿري کان نجات حاصل ڪرڻ گهڻو ڪري مشڪل آهي.

## پٿري جي مريض جي لاءِ پرهيزي ۽ مفيد شيون

پٿري جا مريض چانهہ، ڪافي، ڪولا مشروبات، هرقسم جي گوشت، لوڻ ۽ تيزابي غذائن کان مڪمل پرهيز ڪن. مشروب جي طور تي لسي، ڪمند جو رس، شربت بزوري جو استعمال ڪيو.

## طبِّ يوناني ۾ پٿري جي علاج جو طريقو

ليٿيم جا مرڪبات (يعني پٿري کي ٽوڙي ڪري ذرات ۾ تبديل ڪرڻ) ☆ جيڪڏهن پيشاب جي نالي (Urinary Track) ۾ پٿري جي ڪري انفيڪشن موجود هجي تہ چاندي جا مرڪبات، هيڊ جا مرڪبات هن ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. بطور **پيشاب اينڊڙ:** ☆پٿر چٽ ٻوٽي جو استعمال، شربت بزوري، ☆ قلمي شورا ☆ تلسي جي دال جو استعمال، ڪمند جي رس جو استعمال.

## پٿري ٽوڙڻ جي لاءِ 2 نسخاءِ اجزاءِ ترڪيب جي مقدارءِ روزانو خوراڪ

**نسخو 1:** ليٿيم سٽريٽ 10 ملي گرام، پوٽاشيم ڪاربونيٽ 300 ملي گرام، ميگنيشيم سٽريٽ 30 ملي گرام، سٽرڪ ايسڊ 40 ملي گرام، پٿر چٽ ٻوٽي جو سفوس 100 ملي گرام، تمام دوائون مڪس ڪري هڪ زيرو نمبر ڪيپسول ۾ ڀري ڇڏيو.

**خوراڪ:** شربت بزوري سان صبح، منجهند، شام هڪ هڪ ڪيپسول استعمال ڪيو. وقفي وقفي سان 24 ڪلاڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 16 گلاس پاڻي پيو ۽ تلسي جو اڌ پاءُ دال روزانو ضرور استعمال ڪيو.

**نسخو2:** قلمي شورو 20 گرام، جوکار (اصلي) 10 گرام، تيزاب شوره 5 قطرا ملائي ڪري سفوف تيار ڪيو.

**خوراڪ:** پاڻي مليل کير سان 2 کان 3 گرام سفوف استعمال ڪيو. هن نسخي جي استعمال سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! بغير آپريشن جي پٿري جو علاج ممڪن آهي.

**نوٽ:** هر غذا ۽ دواء پنهنجي ڊاڪٽر يا حڪيم جي مشوري سان ئي استعمال ڪيو.

# خواجہ غريب نواز رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه جا ارشاد



مولانا سيّد عمران اختر عطاري مدني

(1) توهان ڪي ڪو ٻيو گناھ ايتري قدر نقصان نہ پهچائيندو جيتري قدر پنهنجي مسلمان ڀاءَ جي بيعزتي ۽ بيحُرمتي ڪرڻ نقصان ڪار آهي.(دليل العارفين، ص 52)

(2) جيڪڏهن ڪو بُرو نيڪن جي صحبت ۾ ويهي تہ اها اُميد آهي تہ نيڪ ٿي وڃي ۽ نيڪ شخص بُرن جي صحبت ۾ ويهي تہ بُرو ٿي وڃي. (دليل العارفين، ص 56)

(3) مريد ڪي اطاعت ۾ مناڻ ان وقت ملندي جڏهن ان ڪي اطاعت ۾ خوشي ۽ شادماني حاصل ٿيڻ لڳندي ڇوتہ اُن وقت عين اُن فرحت ۾ ان ڪان پردا پري ڪيا ويندا آهن ۽ قُرب جو مرتبو عطا ڪيو ويندو آهي. (دليل العارفين، ص 50)

(4) قبرستان ۾ کل ٻوڳ ڪرڻ منع آهي ڇوتہ اهو عبرت جو مقام آهي نہ وري راند جو هنڌ.( دليل العارفين، ص 18)

(5) جنهن جيڪو ڪجھ حاصل ڪيو خدمت سان حاصل ڪيو، تہ مريد ڪي گهرجي تہ ٿورو بہ پير صاحب جي فرمان ڪان اڳتي نہ وڌي ۽ پير صاحب جيڪو ڪجھ ڪيس نماز و تسبيح ۽ اوراد وغيره تعليم طور فرمائي ان تي توجھ رکي ۽ پورو پورو ان فرمان تي عمل ڪري تڏهن مقام تائين پڄي سگهندو ڇوتہ پير چڻ تہ مريد جي اصلاح ڪرڻ وارو هوندو آهي انهيءَ ڪري جو پير صاحب مُريد ڪي جيڪا ترغيب ڏيندو مريد جي حالت جي ڪمال جي لاءِ ڏيندو. (دليل العارفين، ص 3)

(6) طريقت جي سالڪ ڪي گهرجي تہ ڀريان دنيا ڪي ڀوءِ جيڪو ڪجھ دنيا ۾ آهي ان ڪي ڀوءِ پنهنجي نفس ڪي طلاق ڏي ان ڪان ڀوءِ راهِ سلوڪ ۾ قدم رکي. نہ تہ ڪوڙو آهي. (دليل العارفين، ص 48)

(7) ڪلامُ اللّٰه ۽ ذڪرِ خُدا جي وقت جيڪڏهن راند روند ۾ مشغول هجي تہ ان ڪي گهرجي تہ اللّٰه پاڪ جي ذڪر ۽ ڪلامُ اللّٰه جي تلاوت جي وقت نرم دل ٿي وڃي ۽ خدا جو خوف ڪري ۽ ايمان ۾ پنهنجي

يقين کي وڏائي. (دليل العارفين، ص 24)

## احمد رضا جو گلستان اڄ بہ تازو آهي

امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ معتبر صحابہ کرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان مان آهن، صحيح ترمذي شريف ۾ آهي رسول الله صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن جي لاءِ دعا فرمائي: اللهم اجعله هاديا مهديا واهد به. الٰهي! ان کي راهنما ڪر ۽ ان جي ذريعي ماڻهن کي هدايت ڏي. (ترمذي، 5 / 455، حديث: 3868) صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي ڪافر، بي دين اهو ئي چوندو جيڪو پاڻ بي دين، يا گمراهہ بددين، خدا قهار و جبار جي لعنت جو مستحق هوندو، الله پاڪ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جا 2 قسم بيان ڪيا آهن هڪ اهي جن مڪي جي فتح کان پهريان راهہ خدا ۾ خرچ ۽ قتال ڪيو ٻيا اهي آهن جن فتح کان بعد، راهہ خدا ۾ خرچ ۽ جهاد ڪيو، پوءِ فرمايو تہ ٻنهي فريق کان الله پاڪ ڀلائي جو وعدو فرمايو ۽ گڏوگڏ ئي فرمايو تہ الله پاڪ کي توهان جي ڪمن جي خوب خبر آهي تہ توهان ڇا ڪيو تا ان جي باوجود الله توهان سان ڀلائي جو وعدو فرمايو آهي (فتاویٰ رضويہ، 279/29)

اهل سُنت جو اهو عقيدو آهي تہ ونکف عن ذکر الصحابة الابخير يعني صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو جڏهن بہ ذڪر ٿئي تہ ڀلائي سان ڪرڻ فرض آهي. (فتاویٰ رضويہ، 29/ 363، شرح العقائد النسفيہ، ص 341 مفهوما)

## عطار جو چمن ڪيترو پيارو آهي

بيان ڪرڻ وارو صرف گفتار جو غازي نہ هجي بلڪ پنهنجي بيان تي عمل ڪرڻ جو بہ ذهن رکندو هجي. ڪاش! اسان سيني جو اهڙو ئي ذهن بڻجي وڃي ۽ اسان پنهنجي اصلاح جي لاءِ ئي بيان ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. (نيک بننے اور بنانے کے طريقے، 207) هر مُسلمان جي لکيل نعت شريف پڙهڻ ٻڌڻ جائز آهي جيڪا شريعت جي مطابق هجي. هاڻي چوتہ ڪلام کي شريعت جي ڪسوٽي تي پرکڻ جي هرهڪ وٽ صلاحيت ناهي هوندي لهٰذا عافيت انهي ۾ آهي تہ اهل سنت جي مستند عالمن جو ڪلام ٻڌو وڃي. (ڪفريہ ڪلمات کے بارے ميں سوال جواب، ص 237)

اچو ٻارو حديثِ رسول ٻڌون ٿا

# اذان جي فضيلت ۽ اهميت

محمد جاويد عطاري

اسان جي پياري ۽ آخري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اِذَا نَادَى الْمُنَادِى فُتِحَتْ اَبْوَابُ السَّمَاءِ وَاسْتُجِيبَ الدُّعَاء يعني جڏهن مؤذن اذان ڏيندو آهي تہ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ دعا قبول ڪئي ويندي آهي.

(مستدرک للحاكم، 243/2،حديث:2048)

مسلمانن کي نماز ۾ شرڪت جي دعوت ڏيڻ لاءِ بلند آواز سان چيا ويندڙ ڪلما ”اللّٰہ اڪبر، اللّٰہ اڪبر“ اذان چورائيندا آهن، اذان مسلمانن جي عبادتن مان هڪ عبادت آهي، اللّٰہ جي رضا لاءِ اذان ڏيڻ واري ۽ ان جو جواب ڏيڻ واري کي بہ تمام گهڻو ثواب ملندو آهي.

اذان جون ڪوڙ ساريون برڪتون آهن جيئن تہ اذان سان ڊپ ۽ خوف ختم ٿي ويندو آهي، جڏهن نماز جي لاءِ اذان ڏني ويندي آهي تہ شيطان اتان ڀڄي ويندو آهي، جتي اذان ٿيندي آهي اتي رحمت نازل ٿيندي آهي.

پيارا ٻارو! جڏهن اذان جي ايتري اهميت آهي تہ ان جا آداب بہ ايترا وڏيڪ آهن، تنهنڪري جڏهن مسجد ۾ اذان ڏني وڃي تہ اوهان راند ڪيڏڻ، اسڪول جو هوم ورڪ ۽ گهر جو ڪم وغيره ڇڏي خاموشيءَ سان اذان ٻڌو ۽ اهي ئي لفظ ورجايو. جيڪي مؤذن چئي رهيو آهي، هر ڪلمي تي تمام گهڻيون نيڪيون ملنديون، اللّٰہ تعاليٰ راضي ٿيندو، اذان ڪان بعد دعا جي قبوليت جو وقت آهي، تنهنڪري ان وقت دعا گهرو، بهتر اهو آهي تہ اذان ڪان بعد واري دعا کي ياد ڪري اها ئي دعا گهرو ٻيون دعائون بہ گهري سگهو ٿا.

هيءَ دعا ”مڪتبة المدينہ“ مان شايع ٿيندڙ رسالي ”فيضانِ اذان“ مان ياد ڪري سگهجي ٿي.

اللّٰہ تعاليٰ اسان کي اذان جي اهميت ۽ فضيلت کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# وظائف



## بي اولاد جوڙا متوجه ٿين!

روزانو 41 پيرا يَااَوَّلُ پڙهو، اولاد وارا ٿي ويندؤ. اِنْ شَآءَاللّٰه (مدت: 40 ڏينهن).
(زنده بیٹی کنویں میں پھینک دی، ص22)



## اپينڊڪس جو روحاني علاج

11 پيرا آيت الڪرسي ۽ 7 پيرا ياعظيم( اول آخر ٽي دفعا درود شريف) پڙهي ڪري هڪ چٽڪي لوڻ تي دم ڪري ان کي پاڻيءَ ۾ وجهي پي ڇڏيو. هن عمل کي ڏينهن ۾ ٽي پيرا ڪريو. اِنْ شَآءَاللّٰه اپينڊڪس ختم ٿي ويندو. (بيمار عابد، ص 43)



## چيلهه جي سور جو روحاني علاج

فجر جي سنتن ۽ فرضن جي وچ ۾ 41 پيرا سوره فاتحه پڙهو ۽ هر پيرو پهريان بسم الله شريف به پڙهو. (بيمار عابد، ص 37)
اِنْ شَآءَاللّٰه پٺيءَ جي سور کان نجات ملندي.



## چيلهه ۽ سنڌن جو سور

حديث پاڪ ۾ آهي ته: اِسْتَشْفُوْا بِالْحُلْبَةِ يعني ميٿي مان شفا حاصل ڪيو.(تنزيہ الشريعة، 2/246 )

ميٿي کي عربي ۾ حُلبَہ، فارسي ۾ شنبليله، پشتو ۾ ملخوزه ۽ انگريزي ۾ FENUGREEK (فينو گريڪ)چوندا آهن.

(1) ميٿي جو استعمال چيلهه جي سور، ٽِلي جي سوج ۽ جوڙن(سنڌن) جي سور وغيره ۾ مفيد آهي. (2) ميٿي جي داڻن کي ڳڙ سان گڏ اُبارو ڏئي استعمال ڪرڻ سان چيلهه ۽ جوڙن جي سور ۾ آرام ملندو آهي. (3) جوڙن جي درد لاءِ ميٿي جا 10 گرام تازا پن پاڻي ۾ پيهي ڪري صبح نيراڻو استعمال ڪريو. (ميٿي جا پن سبزي واري وٽان ملي سگهن ٿا) (رسالو: ميٿي جا 50 مدني گل، ص 1، 3)

# رجب جا ڪونڊا

حضرتِ علامہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: رجب جي مهيني ۾ ڪجھ هنڌن تي حضرتِ (سَيدُنا) امام جعفر صادِق رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ ڪيرڙي جا ڪونڊا تيار ڪيا ويندا آهن، اهو جائز آهي پر ان ۾ بہ ڪن ماڻهن پابندي لڳائي رکي آهي اها اجائي پابندي آهي. ان ڪونڊن جي باري ۾ هڪ ڪتاب بہ آهي جنهن جو نالو آهي ”داستانِ عجيب“ ان موقعي تي ڪي ماڻهو هن کي پڙهائيندا آهن ۽ ان ۾ جيڪو ڪجھ لکيل آهي ان جو ڪو بہ ثبوت ناهي اهو نہ پڙهيو وڃي، فاتحہ پڙهي اِيصالِ ثواب ڪيو.

(بہارِ شریعت، حصہ16، 643/3)

اميراهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”ڪفن جي واپسي“ صفحي 15 تي فرمائن ٿا: اهڙي طرح ڏهہ بيبين جي ڪهاڻي، ”ڪاٺير جي ڪهاڻي“ ۽ جنابِ سيده واري ڪهاڻي سڀ مَن گهڙت قِصا آهن انهن کي نہ پڙهيو وڃي، هن جي بدران ياسين شريف پڙهي وٺو تہ جيئن ڏهن قرآنن جو ثواب ملي، هي ياد رهي تہ ڪونڊي ۾ ئي ڪيرڙي ڪارائڻ ضروري ناهي، ٻين ٿانوَن ۾ بہ کائي ۽ کارائي سگهو ٿا اِيصالِ ثواب (يعني ثواب پهچائڻ)، قرآنِ ڪريم ۽ اَحاديثِ مُبارَڪہ مان ثابت آهي، ايصالِ ثواب دعا جي ذريعي بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ کاڌو وغيره پچائي ان تي فاتحہ بہ ڏياري سگهجي ٿي. ڪونڊن جي نياز بہ اِيصالِ ثواب ئي جي هڪ صُورت آهي، هن کي ناجائز چوڻ، شريعت تي اِفترا (يعني تهمت لڳائڻ) آهي. اميراهلسنّت پنهنجي رسالي ”ڪفن جي واپسي“ ۾ وڌيڪ فرمائن ٿا: سڄي رجب ۾ بلڪ سڄي سال ۾ جڏهن چاهيو ايصالِ ثواب جي لاءِ ڪونڊن جي نياز ڪري سگهو ٿا، البت مناسب اهو آهي تہ 15 رجبُ المرجب جو ”رجب جا ڪونڊا“ ڪيا وڃن ڇوتہ اهو حضرت سيدُنا امام جعفر صادق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي عرس جو ڏهاڙو آهي. پيارا اسلامي ڀائرو !اسان کي بہ هن مهيني ۾ پنهنجي بزرگن، پنهنجي خاندان جي مرحومين ۽ سڄي اُمت جي لاءِ ايصالِ ثواب ڪرڻ گهرجي.